
# ٢. غريب جي دِل

ٻُڌو. پڙهو ۽ لکو.



هِڪڙو زَميندار هو. ايشور جي دَيا سان هوُ سکيو ستابو هو. هڪ ڏينهن هِڪُ غريب رُلندو پنندو زميندار جي گهر وٽ اَچي پهتو. غريب ڏاڍو ٿڪلُ هو ۽ کيس بک بہ لڳي هئي. زميندار کي ٻاڏائيندي چيائين، ’ڪُجهہ ڏينهن کان روٽيءَ جو هڪ ٽُڪر بہ پيٽ ۾ ڪونہ وڌو اٿم.‘ زميندار کي مٿس دِيا ڪانہ آئي. غريب کي بکيو ئي هڪالي ڪڍيائين.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ زميندار شِڪار ڪرڻ لاءِ هڪ جهنگل ۾ ويو. شڪار هٿ ڪونہ آيُس. اوندهہ ۾ رستو ڀُلجي پيو. ٿڪل زميندار کي بک بہ اَچي ڏاڍو ستايو. پَري کان هڪ جهوپڙي ڏسي، اُن طرف هلڻ لڳو.

جهوپڙيءَ ۾ اُهو ساڳيو غريب ويٺل ڏٺائين. زميندار هُن کي ڏسي چِرڪيو. شرم وچان، ڪجهہ گهرڻ لاءِ وات مان هڪ اکر بہ نہ نڪتس. غريب بہ کيس سڃاڻي ورتو. غريب سندس آدرڀاءُ ڪيو. اُن وقت جيڪي بہ وٽس ميسرُ هو، سو کارايائينس. رات جو سُمهڻ لاءِ کيس بسترو بہ وڇائي ڏنائين. صبح جو نيرن ڪرائي، رستو ڏيکاري روانو ڪيائينس.

جنهن غريب کي پاڻ لوڌي ڪڍيو هئائين، تنهنجو ايترو قرب ۽ مهمان نِوازي ڏسي زميندار ڏاڍو لڄي ٿيو.

دِل ۾ چيائين، تہ منهنجي بدَتر هلت عيوض، غريب مون سان جيڪا ڀلائي ڪئي آهي، تنهن مون کي چڱو سبق سيکاريو آهي.

**نوان لفظ :**

| | | |
|---|---|---|
| سکيو ستابو - آسودو خوشحال | عيوض - بدران | لوڌي ڪڍڻ - هڪالي ڪڍڻ |
| ٻاڏائڻ - ليلائڻ، مِنٿون ڪرڻ | آدرڀاءُ - عزت، مانُ | قُرب - پيار |
| | | لڄي ٿيڻ - شرمسار ٿيڻ |

## اَڀياس

سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب لکو:-

١) زميندار جي حالت ڪيئن هئي؟
٢) زميندار وٽ ڪير آيو؟
٣) جهنگل ۾ زميندار جو ڪهڙو حال ٿيو؟
۴) غريب زميندار سان ڪهڙي هلت هليو؟
۵) هن سبق مان ڪهڙي سکيا ملي ٿي؟
٦) هن سبق ۾ ڏنل اِصطلاح ڳولهي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو.

سوال ٢ : ضد لکو:-

غريب.................... ڏينهن .................... اوندهه.................... ڀلائي .................... چڱو....................

سوال ٣ : هيٺين جملن ۾ خال ڀريو:-

١) ايشور جي ديا سان هوُ ......... هو.
٢) ٺڪل زميندار کي ........ ۾ اَچي ڏاڍو ستايو.
٣) صبح جو نيرن ڪرائي ......... ڏيکاري روانو ڪيائينس.

| |
|---|
| **هدايت :-** ماستر شاگردن کي سمجهائيندو تہ گهرجائو، تڪليف ۾ آيل اَگر ڪوبہ آس پائي سامهون اَچي تہ وس آهر اُن جي مدد ڪرڻ گهرجي. |
| **مشغولي :-** ماستر شاگردن کي هن آڪاڻيءَ جهڙي ڪا ٻي ننڍي آکاڻي، مائٽن جي مدد سان گهران لکي اچڻ لاءِ چوندو. |

## پورڪ اَڀياس

١) هيٺ ڏنل جدا جدا حالتن ۾ توهان ڇا ڪندا؟

١) توهان جي دوست کي پڪنڪ تي هلڻ لاءِ پئسا ڪونہ آهن. ................
٢) توهان جي پاڙي ۾ ڪو ماڻهو پڙهيل نہ هجي. اُنکي اَخبار يا چِٺي پڙهڻي آهي. ................
٣) ٻڍي رستو پار ڪرڻ چاهي ٿي ۽ رستي تي آمدرفت جاري آهي. ........................
۴) ڪرڪيٽ کيڏندي بال سان ڪنهن گهر جو شيشو ٽُٽي پيو آهي. ......................
۵) توهان جو دوست يا ساهيڙي ڪجھ ڏينهن کان اسڪول ۾ غير حاضر آهي. ..............

٢) هيٺين لفظن کي شفي لفظ (Positive) ۽ نفي لفظ (Negative) ۾ ورهايو.

ديا، نفرت، آدرڀاءُ، ڀلائي، مدد، غصو، سزا، پيار، ڌِڪار

| | |
|---|---|
| شفي لفظ | |
| نفي لفظ | |

٣. اِنساني گڻن جا ڪجھ مثال هيٺ ڏنل آهن خالي خانن ۾ ٻيا گُڻ ڀريو.

پسن پکين لاءِ ديا | غريبن جي مدد